# قرباني

## سنتِ مصطفىٰ آهي

**21 May 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

**21 مئي 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 3 ذوالحج شريف 1447ھ)**

**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

**قرآني بيان**

**بنام**

# قرباني سنتِ مصطفيٰ آهي

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ✿... **عظمت واريون 10 راتيون**
- ✿... **قربانيءَ جي فضائل متعلق حديثون**
- ✿... **قربانيءَ جا ڪجھ آداب**
- ✿... **گوشت کائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي**

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

نبيءِ اڪرم، نورِ مُجَسَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي ڏينهن سِجَ لهڻ کان وٺي جمعي جي ڏينهن سِجَ لهڻ تائين) مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو! جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شاهدي ڏيندس ۽ سندس شفاعت به ڪندس. (1)

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر | یہ تیری رہائی کی چِٹّھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی | سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے (2)

**وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! آرزو هي آهي ته جڏهن قيامت جي ڏينهن حاضري ٿئي ته توهان فرمايو: اي رضا! تنهنجي لاءِ جهنم کان آزاديءَ جو پروانو مليو آهي. اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! رَضا جي شفاعت ڪرڻ

1... شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فی الصلوات، جلد:3، صفحہ:111، حديث:3033۔

2... حدائقِ بخشش، صفحہ:188 ملتقطًا۔

توهان جو ئي ڪم آهي. توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي اهڙي طاقت نہ ڏني وئي آهي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عظمت واريون 10 راتيون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالْفَجْرِ (1) وَلَیَالٍ عَشْرٍ (2)<br>(سيپارو: 30، سورة فجر: 1-2) | ترجمو ڪنز العرفان: صبح جو قسم ۽ ڏهن راتين جو. |

هڪ قول مطابق هن آيت ۾ ذڪر ڪيل 10 راتين مان مراد ذوالحج جون

1… تفسير قرطبي، پاره: 30، سورة فجر، زير آيت: 2، جز: 20، جلد: 10، صفحه: 24۔

شروعاتي 10 راتيون آهن.[1] معلوم ٿيو ته ذوالحج جون شروعاتي 10 راتيون تمام وڏي فضيلت واريون آهن جو الله پاڪ انهن جو قسم کنيو آهي.

## عشرهءِ ذِي الحج ۾ عبادت جي فضيلت

◈ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عنہما کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا مِنْ أَيَّامٍ الْعَمَلُ الصَّالِحُ فِيهَا أَحَبُّ إِلَى اللهِ مِنْ هٰذِهِ الْأَيَّامِ يعني اهڙو ڪو به ڏينهن نه آهي جنهن ۾ نيڪ عمل ڪرڻ الله پاڪ کي هنن (يعني ذوالحج جي شروعاتي) 10 ڏينهن ۾ ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب هجي. [2]

يعني عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪئي وڃي ته اُها به الله پاڪ کي ڏاڍي پياري آهي، پر عشرهءِ ذِي الحج (يعني ذوالحج جي شروعاتي 10 ڏينهن) ۾ نيڪي ڪرڻ الله پاڪ وٽ تمام گهڻي محبوب آهي.

◈ هڪ روايت ۾ آهي: وَالْعَمَلُ فِيهِنَّ يُضَاعَفُ سَبْعُ مِئَةِ ضِعْفٍ هنن 10 ڏينهن ۾ نيڪي جو ثواب 700 دفعا وڌايو ويندو آهي. [3]

◈ ترمذي شريف جي روايت ۾ آهي ته مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا مِنْ أَيَّامٍ أَحَبُّ إِلَى اللهِ أَنْ يُتَعَبَّدَ لَهُ فِيهَا مِنْ عَشْرِ ذِي الْحِجَّةِ يعني عشرهءِ ذي الحج ۾ عبادت ڪرڻ الله پاڪ کي عام ڏينهن ۾ عبادت ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ

---

1…تفسير قرطبي،سورۂ فجر، زير آيت:2، جلد:30، صفحہ:24۔

2…ابو داؤد، کتاب الصوم، باب فی صوم العشر، صفحہ:390، حديث:2438۔

3…شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:356، حديث:3757۔

پسند آهي، يَعْدِلُ صِيَامُ كُلِّ يَوْمٍ مِنْهَا بِصِيَامِ سَنَةٍ هنن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن جي برابر آهي ۽ وَقِيَامُ كُلِّ لَيْلَةٍ مِنْهَا بِقِيَامِ لَيْلَةِ الْقَدْرِ هنن ڏينهن ۾ هر رات جو قيام (جاڳي عبادت ڪرڻ) شَبِ قدر جي قيام برابر آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هي 10 ڏينهن ڇڻ تہ نيڪين جي لاءِ بهار جو موسم آهن. اسان کي گهرجي تہ هنن ڏينهن کي غنيمت سمجهي، خوب نيڪيون ڪريون. فرض نماز تہ پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي◈ نوافل بہ پڙهون ◈ نفلي عبادت ڪريون◈ تلاوت ڪريون ◈ الله جو ذڪر ڪريون، بلڪ حق تہ هي آهي تہ راتين جو جاڳي عبادت ڪريون چوتہ رات جي عبادت وڌيڪ پسنديده آهي.

## پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نفلي روزا رکندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي امڙ حضرت حفصہ رَضِيَ اللهُ عنها فرمائن ٿيون: رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذِي الحج ۾ پابنديءَ سان نفلي روزا رکندا هئا. (2)

خيال رهي تہ! عشرهءِ ذِي الحج جي روزن جو مطلب ذوالحج جي شروعاتي 9 ڏينهن جا روزا آهن، چوتہ 10 ذوالحج (يعني عيد الاضحيٰ) جو روزو رکڻ جائز نہ آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! ڪاش! اسان بہ نيڪين جا حريص بڻجي وڃون. اسان جا

---

1…ترمذی،کتاب الصوم، باب ما جاء فی العمل، صفحہ:211، حدیث:758۔
2…صحیح ابن حبان، کتاب التاریخ، صفحہ:1703، حدیث:6422۔
3 مسند ابی یعلی، جلد:3، صفحہ:21، حدیث:2915۔

پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذِي الحج جا روزا رکندا هئا. ڪاش! اسان به مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي هن ادا کي ادا ڪرڻ لاءِ نفلي روزا رکون، نمازون پڙهون ۽ عبادت ڪريون. چاڪاڻ ته اِهائي ڪمائي قبر ۽ حشر ۾ ڪم اچڻي آهي، باقي سڀ ڪجهه ته هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي. تنهنڪري نيڪين جو حِرص وڌائڻ گهرجي. عشرهءِ ذِي الحج ۾هڪ نيڪي 700 دفعا وڌائي ويندي آهي.[1] تنهنڪري هن موقعي مان فائدو حاصل ڪريو ۽ خوب نيڪيون ڪريو. اللّٰه پاڪ اسان سيني کي پنهنجي رضا وارن ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| کچھ نیکیاں کما لے، جلد آخرت بنا لے | کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا(2) |
| --- | --- |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اُٺ ذبح فرمايا

پيارا اسلامي ڀائرو! هجرت جي ڏهين سال جو واقعو آهي. اُن سال لڳ ڀڳ 1 لک 24 هزار صحابه ڪِرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ حج جو فرض ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هِن مبارڪ حج کي حَجَّةُ الْوَدَاعِ چيو ويندو آهي.[3] سُبْحٰنَ اللّٰه! صحابه ڪِرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم جي هن اعليٰ نصيب تي قربان وڃجي...!! انهن عظيم ماڻهن جا ڪهڙا نه ڀاڳ آهن!

◈ ڪعبي جو طواف ڪعبي جي ڪعبي يعني محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سان

---

1 شعب الايمان، باب فى الصيام، جلد:3، صفحه:356، حديث:3757۔

2...وسائل بخشش، صفحه:178۔

3 مدارج النبوة، قسم سوم...الخ، ذكر حجة الوداع، جلد:2، صفحه:384بتقدم و تاخر۔

گڏ ...!! ◈ ميدانِ عرفات جو قيام ◈ مزدلفہ ۾ رات گذارڻ ◈ مِنيٰ جون قربانيون ...!! اُهي مبارڪ افعال جن جي لاءِ عاشقن جون دليون تڙپنديون آهن، اهلِ دل جيڪي سعادتون حاصل ڪرڻ لاءِ راتين جو اٿي ڳوڙها ڳاڙيندا آهن، صحابہ ڪِرام رَضِیَاللّٰهُعنهم اُهي ئي مبارڪ افعال نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا هئا. ڪاش! انهن جي صدقي اسان جي بہ قسمت سنورجي وڃي! ڪاش! مديني وڃڻ نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! ڪڏهن قسمت چمڪي پئي، سجاڳيءَ ۾ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ خواب ۾ ئي ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم نصيب ٿي وڃي.

يارَبّ! پِھر اَوج پر يہ ہمارا نصيب ہو — سُوئے مدينہ پِھر ہمیں جانا نصيب ہو
مکّہ بھی ہو نصيب، مدينہ نصيب ہو — دشتِ عرب نصيب ہو، صحرا نصيب ہو
اللہ! دِيدِ گنبدِ خضرا نصيب ہو — يارَبّ! رسولِ پاک کا جلوہ نصيب ہو(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! حَجَّةُ الْوَدَاعِ جي موقعي تي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم مِنيٰ شريف ۾ 100 اُٺن (*Camels*) جي قرباني فرمائي. انهن مان 63 اُٺ پنهنجن مبارڪ هٿن سان نحر فرمايائون، بقايا 37 اُٺ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ عنه نحر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.[2]

اُٺَ جي ڳلي جي هيٺين حصي جون رَڳون ٻيني ٻيني نيزو هڻي ڪٽيون

1--- وسائلِ بخشش،صفحه:89 ملتقطًا۔

[2] مدارج النبوة، قسم سوم...الخ، ذكر حجة الوداع، جلد:2، صفحه:397۔

ويندي ون آهن، ان کي **نحر** ڪرڻ چئبو آهي.[1]

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اُنن کي نحر فرمائي رهيا هئا تہ اُهو منظر بہ تمام گهڻو ايمان افروز هو. روايت آهي تہ: **5**، **5** اُٺَ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪيا پئي ويا، جڏهن اُهي **5** اُٺ سندن بارگاهہ ۾ حاضر ٿي رهيا هئا تہ اُهي هڪٻئي کي ڌِڪِيندا اڳتي وڌي رهيا هئا تہ جيئن سڀ کان پهريان مان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هٿن سان قربان ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نرالو شان آهي ...!! اسان وٽ جڏهن جانور قرباني لاءِ آندو ويندو آهي تہ اُهو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڪيترائي ڀيرا وڏو جانور ڀڄي ويندو آهي ۽ نقصان پڻ ڪري وِجهَندو آهي. خاص طور اُٺ کي نحر ڪرڻ تہ تمام وڏي مهارت جو ڪم آهي، تجربيڪار قاصائي ئي اُٺَ کي نحر ڪري سگهي ٿو. پر اسان جي آقا ۽ مولا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نرالي شان تان هزارين جانيون قربان ...!! يقيناً هر ڪنهن کي پنهنجي جان پياري هوندي آهي، پر هي ڪمال آهي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو، جو جانور بہ سندن ڪَرم وارن هٿن سان قربان ٿيڻ کي زندگي کان بهتر سمجهي رهيا آهن.

ہر اِک کی آرزو ہے پہلے مجھ کو ذَبح فرمائیں | تماشا کر رہے ہیں مرنے والے عیدِ قرباں میں (2)

**پيارا اسلامي ڀائرو!!** عشق وارن جا انداز نرالا هوندا آهن. هتي سچي عاشقِ رسول، شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

---

[1] بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:312، حصّہ:15۔

2…ذوقِ نعت،صفحہ:192۔

جو جذبو ڏسڻ وٽان آهي، پاڻ لکن ٿا ته:

| | |
|---|---|
| اُونٹ بن گیا ہو تا اور عیدِ قرباں میں | کاش! دستِ آقا سے نَحْر ہو گیا ہوتا |
| کاش! ایسا ہو جاتا خاک بن کے طیبہ کی | مصطفےٰ کے قدموں سے میں لپٹ گیاہوتا (1) |

الله ڪريم اسان سيني کي عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي باڪمال نعمت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان وارِين اُمَتُن جي مشترڪ عبادت

سيپارو: **17**، سورة حج، آيت: **34** ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ (سيپارو: 17، سورة حج: 34) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ هر امت جي لاءِ اسان هڪ قرباني مقرر فرمائي ته جيئن هو ان ڳالهه تي الله جو نالو وٺن ته ان هنن کي بي زبان چوپاين مان رزق ڏنو. |

آيت جو مطلب هي آهي ته اڳ ۾ جيڪي به ايمان واريون اُمَتُون گذريون آهن، انهن مان هر امت جي لاءِ الله پاڪ هڪ قرباني مقرر فرمائي هئي ته جيئن اُهي جانور ذبح ڪرڻ وقت اُن تي الله جو نالو وٺن. [2]

| | |
|---|---|
| اے مسلماں! سُن یہ نکتہ درسِ قرآنی میں ہے | عظمتِ اسلام و مُسلم صرف قربانی میں ہے |

1--- وسائلِ بخشش،صفحه:158 - 159 ملتقطًا۔

2---صراط الجنان، پاره:17 ، سورۀ حج، زیرِآیت:34، جلد:6، صفحه:443۔

## قرباني سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، قرباني الله پاڪ جي رضا وارو ڪم آهي، قرباني ڪرڻ الله پاڪ جي قرب جو سبب آهي، قرباني ڪرڻ سنتِ ابراهيمي آهي، قرباني ڪرڻ سنتِ انبياء آهي ۽ قرباني ڪرڻ سيد الانبياء، محبوب خدا، احمد مجتبيٰ يعني اسان جي آقا محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي به پياري پياري سنت آهي.

ماشَآءَ الله! اسان جي آقا ۽ مولا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کي قرباني ڪرڻ جو اهڙو ته جذبو هو جو پاڻ هر سال (***Every year***) قرباني فرمائيندا هئا. ترمذي شريف ۾ روايت آهي، حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنہما فرمائن ٿا: پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم **10** سال مديني پاڪ ۾ رهيا ۽ هر سال قرباني فرمائيندا هئا.[1]

بلڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو قرباني ڪرڻ جو سلسلو سندن وصالِ ظاهري کان پوءِ به جاري رهيو. حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم مون کي وصيت فرمائي هئي ته مان هر سال پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي طرفان **2** گهَيٽا قربان ڪندو رهان، تنهنڪري مان هر سال سندن وصيت تي عمل ڪندو آهيان.[2]

## اُمت جي طرفان قرباني فرمائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني سان تعلق رکڻ وارِي هڪ رحمت ڀَرِي اداءِ

---

[1] ترمذی، کتاب الاضاحی، باب الدلیل علی ان الاضحیۃ سنۃ، صفحہ:386، حدیث:1507۔
[2] ترمذی، کتاب الاضاحی، باب ماجاء فی الاضحیۃ عن المیت، صفحہ:383، حدیث:1495۔

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ جهومو! حضرت ابو رافع رَضِیَ اللّٰهُ عنه کان روايت آهي تہ رسولن جا سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻہ ٿُلهَن سِڱَن وارا گهيٽا (*Rams*)خريد فرمائيندا هئا. عيد جي ڏينهن جڏهن عيد جي نماز پڙهي چڪندا هئا، خطبو ارشاد فرمائڻ کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ هڪ گهيٽو حاضر ڪيو ويندو هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن هٿن سان ان کي ذبح ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا:

اَللّٰهُمَّ هٰذَا عَنْ اُمَّتِی جَمِيعًا مِمَّنْ شَهِدَ لَكَ بِالتَّوْحِيدِ وَشَهِدَ لِی بِالْبَلَاغِ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! هيءَ قرباني منهنجي هر اُن امتيءَ جي طرفان آهي جيڪو تنهنجي هڪ هجڻ ۽ منهنجي دين پهچائڻ جي شاهدي ڏيڻ وارو آهي.

پوءِ ٻيو گهيٽو حاضر ڪيو ويندو هو، ان کي بہ پنهنجن مبارڪ هٿن سان ذبح فرمائي چوندا هئا:

اَللّٰهُمَّ هٰذَا عَنْ مُحَمَّدٍ وَآلِ بَيْتِهِ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! هيءَ قرباني محمد ۽ آلِ محمد جي طرفان آهي. پوءِ انهن ٻنهي گهيٽن جو گوشت غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو، آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ۽ گهر وارا اُن مان کائيندا هئا.[1]

## اهڙا نازَڪ اندازَ اسان جا نہ آهن

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پنهنجي امت سان محبت جو مبارڪ انداز ڏسو! ڪيڏو نرالو آهي! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم باقاعده اهتمام سان هر سال بہ خوبصورت پيارا پيارا گهيٽا خريد فرمائيندا هئا ۽ امت

[1] مسند احمد، جلد:11، صفحه:220، حديث:27952

سان پيار ڏسو! اڳ ۾ قرباني امت جي نالي سان ڪندا هئا، پوءِ پنهنجي طرفان فرمائيندا هئا. اعليٰ حضرت جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحمةُاللهِعَلَيه چا تہ خوب فرمايو آهي:

اس شان کے ہم نے کیا کسی نے دیکھے | نہیں زِنہار آقا
ایسا تو کہیں سُنَا نہ دیکھا | بندوں کا اُٹھائیں بار آقا
جن کی کوئی بات تک نہ پُوچھے | ان پر تمہیں آئے پیار آقا

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڪيڏي نہ سچي ڳالھ آهي...!! اسان ڪير آهيون؟ ڇا آهيون؟ اسان نِڪمن جي اهميت ئي ڪهڙي آهي؟ افسوس! اسان نالائق ٻانها ...!! پر نصيب ڏسو! عرش جا گهوٽ، محبوبِ خدا، امام الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ◈ اُهي عظمت وارا آقا جن جي صدقي هيءَ دنيا ٺٽي ◈ اُهي عظمت وارا آقا جن جا نازَ ڪائنات جو رب کڻي ◈ اُهي عظمت وارا آقا جن جي در تي فرشتا قطار ٻڌي حاضر رهن ◈ اُهي عظمت وارا آقا جن جا قدم حضرت جبرائيل عليه السلام چُمَندا هجن ◈ الله! الله! اُهي عظمت ۽ شان وارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن کي ياد فرمائي رهيا آهن ۽ باقاعده اهتمام سان اسان جي نالي تي هر سال قرباني ڪري رهيا آهن.

یہ ناز یہ انداز ہمارے نہیں ہوتے | جھولی میں اگر ٹکڑے تمہارے نہیں ہوتے
ملتی نہ اگر بھیک حُضُور آپ کے در سے | اس شان سے منگتوں کے گزارے نہیں ہوتے

## ياد اُن جي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان پاڻ پنهنجي دل کان پڇو! جيڪي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان جو ايترو خيال فرمائيندا هئا، اُن آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ياد اسان کي ڪيئن ملهائڻ گهرجي ...؟ ◈ اسان تي حق عائد ٿئي ٿو ته گهُمَندي ڦِرندي، اٿندي ويهندي، سمهندي جاڳندي پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پنهنجن لَبن تي جاري رکون ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ درودن جا نذرانا پيش ڪريون ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنايون ◈ پنهنجي چهري کي سنتِ رسول (يعني ڏاڙهي شريف) سان سجايون ◈ مٿي تي سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم يعني عمامي شريف جو تاج سجايون ◈ لباس به سنتن جي مطابق هجي ◈ ۽ خاص طور تي جن کي الله پاڪ توفيق عطا فرمائي آهي ۽ استطاعت بخشي آهي ته اُهي هر سال پنهنجي محبوب آقا، جان کان عزيز آقا، پياري پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ايصال ثواب لاءِ الڳ سان قرباني ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا رهن.

## هڪ اهم مسئلو

هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪري ڇڏيان ته جن تي قرباني واجب آهي، انهن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي ئي طرفان قرباني ڪن.[1] پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان قرباني ڪرڻ جي لاءِ الڳ جانور خريد ڪن يا وڏي جانور ۾ الڳ (*Separate*) حصو شامل ڪن. جيڪڏهن ايتري استطاعت نه هجي ۽ صرف پنهنجي واجب قرباني ئي ڪري سگهندا هجن ته پوءِ قرباني پنهنجي ئي طرفان (يعني پنهنجو واجب ادا ڪرڻ لاءِ) ڪريو ۽ ان جو ثواب بارگاهِ رسالت ۾ نذر

[1] فتاويٰ امجديه، جلد:3، صفحه:315.

ڪري ڇڏيو!

## اِيصالِ ثَواب سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر سال پنهنجي امت جي طرفان قرباني فرمائيندا هئا. هِن اداءِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان معلوم ٿيو ته ايصالِ ثواب نه صرف جائز آهي پر سنت آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته ايصال ثواب صرف مُئلن کي نه پر زنده ماڻهن ۽ ايندڙ نسلن کي به ڪري سگهجي ٿو.

روايتن ۾ آهي ته: سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ميت جي لاءِ ايصالِ ثواب جي ترغيب ڏياريندا هئا.[1] هڪ صحابيه رَضِیَ اللّٰہُ عنھا جن کي بنتِ عَفِيف چيو ويندو هو، فرمائن ٿيون: اسان جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿياسين ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کان هن ڳالهه تي بيعت ورتي ته اسان پنهنجن فوت ٿي ويلن لاءِ فاتحه پڙهندا رهنداسين.[2]

سُبۡحٰنَ الله! هِن مان اندازو لڳايو ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ايصالِ ثواب کي ڪيڏي اهميت ڏيندا هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عنھم کان باقاعده بيعت ورتي ته ميت جي لاءِ سورت فاتحه جي تلاوت ڪندا رهندا.

## ڇا مُئلَن کي ثواب پهچندو آهي؟

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين ...!! اسان

1--- كشف الغمہ،كتاب الجنائز، فرع فی انتفاع الميت بالقران...الخ، جز:1، صفحہ:207 ماخوذاً۔

2--- الاحاد والمثانی لابن ابی عاصم، جلد:6، صفحہ:94، حديث:3307۔

پنهنجن فوت ٿيلن لاءِ صدقو ڪندا آهيون، انهن جي طرفان حج ڪندا آهيون، ڇا اِهو اُنهن کي پهچندو آهي؟ فرمايائون: **ها! اِهو اُنهن کي پهچندو آهي ۽ اُهي ان (ايصال ثواب) تي اهڙي طرح خوش ٿيندا آهن جيئن توهان (زنده ماڻهو) تحفي ملڻ تي خوش ٿيندا آهيو.** (1)

## مَرحُومِين جي لاءِ به قرباني ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! جن جا والدين يا ٻنهي مان ڪو به هڪ دنيا مان رخصت ٿي چڪو آهي ته انهن کي گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي ايصال ثواب لاءِ به الڳ قرباني جو اهتمام ڪن. هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! مان پنهنجي ماءُ پيءُ سان سندن زندگيءَ ۾ نيڪ سلوڪ ڪندو هئس، هاڻي اُهي وفات ڪري ويا آهن، هاڻي ساڻن نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

اِنَّ مِنَ الْبِرِّ بَعْدَ الْمَوْتِ اَنْ تُصَلِّيَ لَهُمَا مَعَ صَلٰوتِكَ وَ تَصُوْمَ لَهُمَا مَعَ صِيَامِكَ

**ترجمو:** بيشڪ مرڻ کان پوءِ ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو هڪ طريقو هي آهي ته توهان پنهنجي نماز سان گڏ انهن جي لاءِ به نماز پڙهو ۽ پنهنجن روزن سان گڏ انهن جي لاءِ به روزا رکو! (2)

هن حديثِ پاڪ جا به (2) مطلب ٿي سگهن ٿا: (1) جڏهن به توهان نماز پڙهو يا روزو رکو ته ان جو ثواب پنهنجي والدين (ماءُ پيءُ) کي پهچايو! (2) ٻي معنيٰ هي ٿي سگهي ٿي ته انهن جي طرفان انهن جي نمازن ۽ روزن جو فديو ڏئي ڇڏيو، ڇو ته هي پڻ انهن جي وفات کان پوءِ انهن سان ڀلائي جو هڪ

---

1--- عمدة القاري، كتاب الوضو، جلد:2، صفحه:599، زيرِ حديث:216-

2--- عمدة القاري، كتاب الوضوء، جلد:2، صفحه:598-599، زيرِ حديث:216-

طريقو آهي.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ صرف ختمِ قُل شريف، ڏهون، چاليهو وغيره ئي نہ پر ماءُ پيءُ جي حقن مان آهي تہ اولاد کين پنهنجي هر نيڪيءَ ۾ شامل ڪري، جيڪا بہ نيڪي ڪري، ان جو ثواب پنهنجي والدين کي پهچائيندو رهي. تنهنڪري جيڪڏهن الله پاڪ طاقت ڏني هجي تہ ماءُ پيءُ جي ايصالِ ثواب لاءِ الڳ سان قرباني ڪريو! ۽ جيڪڏهن ايتري طاقت نہ هجي تہ پنهنجو واجب ادا ڪريو ۽ ان جو ثواب مرحوم والدين کي ايصال ڪري ڇڏيو!

## پيارا آقا جانور وِرهائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني جي حوالي سان هڪ ٻي پياري پياري اداءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هيءَ بہ آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنهم ۾ جانور وِرهائيندا هئا. حضرت عقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ: هڪ ڀيري محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي ٻَڪرِيون (*Goats*) عطا فرمايون ۽ فرمايو: هنن کي صحابہءِ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنهم ۾ ورهائي ڇڏ..!! مون سيني ۾ ٻَڪريون ورهائي ڇڏيون، هڪ ٻڪري بچي پئي، مان اُها واپس کڻي حاضر ٿيس، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِها توهان رکو! ۽ پنهنجي طرفان قرباني ڪري ڇڏيو...!![1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪيڏا نہ سخي آهن...!! ڪاش! اسان کي بہ اهڙي سعادت ملي وڃي، جن کي رب ڪريم طاقت ڏني آهي، انهن کي گهرجي تہ پنهنجي وَسَ آهر ٻڪريون ۽ وڏا جانور خريد ڪري غريبن ۾ وِرهائن. بلڪ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تہ ايتري تائين

[1] بخاری، کتاب الاضاحی، باب فی اضحیۃ النبی صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ...الخ، صفحہ:1415، حدیث:5555۔

فرمائيندا آهن تہ غريبن کي جانور ڪٽرائڻ (يعني قاصائيءَ) جي مزدوري بہ ڏيڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! اداءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ادا ڪرڻ ۽ غريبن جي دِلجوئي جو ثواب نصيب ٿيندو.

## قربانيءَ جي فضائل متعلق حديثون

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني ڪرڻ اللّٰه ڪريم، رحمٰن ۽ رحيم جو حڪم آهي، قرباني ڪرڻ رحمتن واري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي، تنهنڪري اللّٰه پاڪ جي رضا لاءِ، ذوق ۽ شوق سان، خوش دليءَ سان قرباني ڪريو! ◈ مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ، طيبہ، طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنها فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **نَحر** (يعني 10 ذوالحج) جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل رت وَهائڻ (يعني جانور ذبح ڪرڻ) آهي. بيشڪ قربانيءَ جا جانور قيامت جي ڏينهن پنهنجن سِڱن، وارَن ۽ کُرن (***Hoofs***) سميت ايندا. ۽ بيشڪ قربانيءَ جي جانور جو رت (***Blood***) زمين تي ڪِرڻ کان اڳ ئي اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ قبوليت جي مقام تائين پهچي ويندو آهي، تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو! [(1)] ◈ حضرت زيد بن ارقم رَضِيَ اللّٰهُ عَنه کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جي لاءِ قربانيءَ جي جانور جي هڪ هڪ وارَ جي بدليءَ ۾ هڪ نيڪي آهي. [(2)] ◈ امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنه روايت ڪن ٿا تہ مڪي مديني جي سلطان، شهنشاهِ ڪَون و مڪان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص خوش دليءَ سان ۽ ثواب حاصل

---

1...ترمذی، کتاب:الاضاحی، باب:فی فضل الاضحیہ، صفحہ:383، حدیث:1493۔

2...ابن ماجہ، کتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحیہ، صفحہ:510، حدیث:3127۔

ڪرڻ لاءِ قرباني ڪندو آهي، اُها قرباني اُن جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ آڙ بڻجي ويندي آهي. [1] ◈ مالڪِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ پسنديده قرباني اُها آهي جيڪا قيمت ۾ اعليٰ ۽ چڱي ڀلي ٿُلهي متاري هجي. [2] ◈ هڪ ٻي روايت ۾ فرمايو ويو: پوڙهي جانور جي ڀيٽ ۾ جوان جانور جي قرباني الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وڌيڪ پسنديده آهي. [3]

نشانی ہے وفا کی اور اِک نعمت ہے قربانی | خُدا کے دوست ابراہیم کی سُنّت ہے قربانی
مسلمانو! کبھی قربانی سے پیچھے نہیں ہٹنا | وقارِ دِین ہے، اسلام کی شوکت ہے قربانی

الله پاڪ اسان کي خوش دليءَ سان قرباني ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. جيڪي قرباني ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، الله پاڪ انهن جون قربانيون قبول فرمائي، جيڪي نہ ٿا ڪري سگهن، الله پاڪ انهن کي بہ طاقت نصيب فرمائي تہ جيئن اُهي بہ قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪري سگهن.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

پيارا اسلامي ڀائرو! آخر ۾ قربانيءَ جي سلسلي ۾ ڪجهه اهم آداب عرض ڪري رهيو آهيان.

## قربانيءَ جا ڪجهه آداب

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

1…معجم کبیر،جلد:2، صفحہ:213، حدیث:2670۔
2…مسند امام احمد، جد ابی الاشد، جلد:6، صفحہ:375، حدیث:15893۔
3…سنن کبری بیہقی، کتاب:ضحایا، باب: یستحب ان یضحی، جلد:9، صفحہ:507، حدیث:19092۔

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰـكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ

(پارو:17، سورة حج: 37)

ترجموڪنزالعرفان: الله وٽ هرگز نہ انهن جا گوشت پهچن ٿا ۽ نہ انهن جو رت، البتہ توهان جي طرفان پرهيزگاري ان جي بارگاهہ تائين پهچندي آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي تحت آهي: جاهليت جي زماني ۾ غير مسلم پنهنجي قربانين جو خون ڪعبي شريف جي پٿين تي لڳائيندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ ائين ڪرڻ سان اسان کي الله پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو. پوءِ جڏهن اسلام جو نور چمڪيو، صحابہ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم حج ڪيو ۽ قربانيون پيش ڪيون تہ سندن تعليم لاءِ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي ۽ ٻڌايو ويو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ نہ ئي قربانيءَ جو گوشت پهچندو آهي ۽ نہ ئي خون، پر توهان جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پهچندي آهي ۽ قرباني ڪرڻ وارو صرف سٺِي نيت، اخلاص ۽ تقويٰ جي شرطن تي عمل ڪري ئي الله پاڪ کي راضي ڪري سگهي ٿو.(1)

جانتا ہے بارگاہِ حق کے آئین و اُصول؟ | دِل کے ٹکڑوں کی یہاں پر نذر ہوتی ہے قبول

شيخ ابو طالب مڪي رَحمۃُاللّٰہِعَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي جيڪا وضاحت بيان ڪئي آهي. ان جي مطابق هن آيت جو مفهوم جيڪڏهن واضح ڪري بيان ڪجي تہ مطلب هي ٿيندو تہ الله پاڪ فرمائي رهيو آهي: اي منهنجا ٻانهؤ! ◈ توهان گهر کان نڪتؤ، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان پڙيءَ ۾ پهتؤ، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور خريد ڪيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور گهر آندو، ماڻهو توهان کي ڏسي

1...تفسير نسفي، پاره:17 ، سورة حج، زيرِآيت:37، جلد:2، صفحہ:442۔

رهيا هئا ◈ توهان جانور جي سارَ سنڀال لَڌِي، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان منهنجي نالي تي جانور ذبح ڪيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور جو گوشت پاڻ بہ پچايو ۽ ڪاڌو ۽ ماڻهن ۾ بہ وِرهائي ڇڏيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا. مطلب تہ جانور خريد ڪرڻ کان وٺي قربان ڪري گوشت کائڻ ۽ تقسيم ڪرڻ تائين توهان جا سمورا اعمال ماڻهن جي سامهون هئا، پر هن سڄي وقت ۾ هڪ شيءِ جيڪا منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ هئي، اُها توهان جي دل جي ڪيفيت آهي. ۽ توهان جي عمل جي قبوليت جو فيصلو توهان جي دلي ڪيفيت تي ڪيو ويندو. هي ڏنو ويندو تہ توهان جي دل ۾ تقويٰ هئي يا نہ؟ الله پاڪ وٽ جيڪا قبول آهي، اُها، هي ٿئي دل جي تقويٰ آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان غور ڪريون تہ: ◈ جڏهن اسان جانور خريد ڪرڻ ويا هئاسين تہ اسان جي دل ۾ ڪهڙي نيت هئي؟ ڇا جانور خريد ڪرڻ وقت دل ۾ اِها نيت هئي تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ يا اِهو جذبو هو تہ رب جي نالي تي بهتر کان بهتر جانور قربان ڪندس؟ ◈ جڏهن جانور ڪاهي اچي محلي ۾ پهتا هئا ۽ ماڻهن واهہ واهہ ڪئي هئي تہ ان وقت اوهان جي دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ ◈ جڏهن دوستن ۽ پاڙيسرين پڇيو هو تہ جانور گهٽي ۾ خريد ڪيو اٿئي تہ ان وقت دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ ◈ جڏهن ٻين جا جانور ڏسي پنهنجي جانور ۽ ٻين جي جانورن جي ڀيٽ ڪري رهيا هئا تہ ان وقت دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ مطلب تہ اسان جي قربانيءَ ۾ گوشت جيڪو آهي اُهو اسان ڪائي ڇڏينداسين يا ماڻهن ۾ وِرهائي ڇڏينداسين، رت کي مِٽي چوسي ويندي، کَلَ ڪنهن مدرسي کي ڏئي ڇڏينداسين، هڪ شيءِ باقي وڃي

1... علم القلوب، باب حکم النیۃ فی الاعمال، الایۃ الاولیٰ فمن ذلک قولہ جل ثناؤ...الخ، صفحہ:166 مفصلاً۔

بچنديٰ: أُها آهي ◈ اسان جي دل جو اخلاص ◈ اسان جي تقويٰ ◈ اسان جي دل ۾ موجود اطاعت جو جذبو ◈ اسان جي دل ۾ موجود پنهنجي رب جي محبت ... !! جيڪڏهن اهڙيون مقدس ڪيفيتون موجود آهن تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قرباني قبول ئي قبول آهي. پر جيڪڏهن ائين نہ آهي ◈ اخلاص جي جاءِ تي ڏيکاءُ آهي ◈ تقويٰ جي جاءِ تي گوشت حاصل ڪرڻ مقصد آهي ◈ ۽ رب جي محبت جي جاءِ تي پنهنجي سخاوت جو اظهار ڪرڻ مقصود آهي تہ پوءِ معاملو مشڪل ٿي سگهي ٿو.

## قرباني اخلاص سان ڪريو!

پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن خوشدليءَ سان ۽ خالص الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ قرباني ڪئي، سندس قرباني ان جي لاءِ دوزخ کان رڪاوٽ بڻجي ويندي. (1)

معلوم ٿيو تہ قرباني ڪرڻ وقت دل ۾ اخلاص جو هئڻ بہ ضروري آهي. صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا تي نظر رکي قرباني ڪئي ويندي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! برڪتون ئي برڪتون نصيب ٿينديون.

## حضرت اِسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ مبارڪ ڪيفيت

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن حضرت ابراهيم عليه‌السلام پنهنجي شهزادي حضرت اسماعيل عليه‌السلام کي مِنيٰ ۾ وٺي ويا ۽ کين پنهنجو خواب ٻڌايو، ارشاد فرمايائون:

1…م معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:213، حديث:2670.

| | |
|---|---|
| يٰبُنَيَّ اِنِّيْۤ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَا ذَا تَرٰىؕ (پارو: 23، سورة صٰفّٰت: 102) | ترجموڪنزالعرفان: اي منهنجا پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان. هاڻي تون ڏس تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ |

**ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ:** جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اِئين فرمائي رهيا هئا تہ شهزادي جو چهرو ٻهڪڻ لڳو ۽ جسم تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: پٽ! ڇا ڳالهہ آهي؟ هيءَ چهري تي خوشي ڇا جي آهي؟ جسم تي ڏڪڻي ڇو طاري آهي؟ هاڻي شهزادي جو جواب ٻڌو: عرض ڪيائون بابا سائين! مان قربان ٿي ويس تہ پنهنجي رب جي حضور ۾ حاضر ٿي ويندس، هن فاني دنيا مان رخصت ٿي جنت ۾ پهچي ويندس. اللّٰہ پاڪ منهنجي باري ۾ هي حڪم ان ڪري تہ ڏنو آهي جو اُهو رب ڪريم مون کان راضي آهي. بيشڪ رب جي بارگاهہ ۾ جيڪي نعمتون تيار آهن، اُهي هن دنيا ۽ هِن دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، کان گهڻيون بهتر آهن. (بس اِنهيءَ خوشيءَ سبب چهرو ٻهڪِي رهيو آهي.) (1)

| | |
|---|---|
| عیدِ قرباں جذبۂ ایثار کا اِظہار ہے | یہ اطاعت کا خلیلُ اللہ کی معیار ہے |
| ہے یہ تسلیم و رضا کی ایک لافانی مِثال | جان دینے کے لیے فرزند بھی تیار ہے |
| باپ کا حُسنِ عمل، بیٹے کا ذَوقِ اِتّباع | اس مِثالی داستاں کا مرکزی کِردار ہے |

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هيءَ آهي اُها مبارڪ ڪيفيت جيڪا حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پاڪ دل تي طاري هئي. قربانيءَ جي وقت سندن چهرو خوشيءَ وِچان ٻهڪِي رهيو هو. ڪهڙي ڳالهہ جي خوشي؟ اِن ڳالهہ جي تہ اڄ مان

---

1...الرقة والبكاء، الذبيح عَلَيْهِ السَّلام، صفحہ:84 خلاصةً

پنهنجي رب جي نالي تي قربان ڪيو پيو وڃان...!! سُبۡحٰنَ الله!

اِن ئي ڪيفيت جي پيروي اسان کي بہ ڪرڻي آهي. قرباني مجبوريءَ (*Compulsion*) وِچان نہ ڪريو، پر دل ۾ خوشي هجي، دل جهومي رهي هجي، ڪاش! الله پاڪ جي محبت دل ۾ چوليون هڻي رهي هجي ۽ دل ئي دل ۾ جذبو بيدار ٿي رهيو هجي تہ الله پاڪ حڪم ڏنو آهي تہ مان پنهنجي رب جي نالي تي جانور قربان ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن حڪم ٿئي ها تہ پنهنجي جانِ قربان ڪرڻ کان بہ هرگز پوئتي نہ هٽان ها. دل ۾ هڪ حسرت هجي ۽ احساس هجي تہ ڪيڏو نہ خوش نصيب جانور آهي جو پنهنجي رب جي نالي تي قربان ٿي رهيو آهي. ڪاش! مان بہ پنهنجي رب جي نالي تي پنهنجو سڀ ڪجھ قربان ڪري ڇڏيان ...!!

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں | ترے نام پر سب کو وارا کروں میں (1)

## حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جي مقدس ڪيفيت

روايتن ۾ آهي تہ: جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام پٽ کي قربانيءَ لاءِ ليٽائي، اُن جي مٿن ڪان ويهي، ڇُري سندس ڳلي تي رکي پوءِ فرمايائون: اي الله پاڪ! هميشہ هميشہ جي لاءِ تنهنجي ئي حمد آهي. تون مون کي پوڙهائپ ۾ پٽ عطا ڪيو، پوءِ اِن جي ذريعي هيءَ آزمائش ورتي. فَاِنۡ كَانَ هٰذَا رِضَالَكَ فَاُسَلِّمُ لِاَمۡرِكَ پوءِ جيڪڏهن اِن ۾ ئي تنهنجي رضا آهي تہ مان تنهنجي رضا خاطر

1...سامان بخشش، صفحہ:152۔

تنهنجي حڪم اڳيان پنهنجو سِرُ جهڪايان ٿو. (1)

ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ : جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام اِهي لفظ چيا تہ فرشتن بہ روئي ڏنو ۽ انهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: مولا! هي تنهنجا نبي آهن، هنن مان هڪ تنهنجي رضا خاطر مُنهَن ڀَر ليٽيو پيو آهي ۽ ٻيو تنهنجي رضا خاطر ذبح ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پوءِ الله پاڪ حضرت اسماعيل عليه السلام جي فِديي ۾ جنتي گهَيٽو ڏياري موڪليو. (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن عظيم الشان قربانيءَ وقت انهن ٻنهي بلند مرتبي وارن نبين جي دل جي اصل ڪيفيت ڪهڙي هئي، اُها تہ نہ اسان ڄاڻي سگهون ٿا ۽ نہ ئي اُن تائين پهچي سگهون ٿا، پر هي روايتون انهن ڪيفيتن جون ڪجھ جهلڪيون ڏيکاري رهيون آهن. حضرت ابراهيم عليه السلام جڏهن قرباني ڪري رهيا هئا ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جڏهن قربان ٿيڻ لاءِ تيار هئا تہ سندن نگاهن جي اڳيان دنيا نہ هئي، پنهنجي واهہ واهہ نہ هئي، پنهنجو مقام، مرتبو ۽ تعريف ڪجھ بہ مقصود نہ هو. سندن دليون صرف هڪ ئي شيءِ لاءِ تڙپي رهيون هيون تہ: الله پاڪ اسان کان راضي ٿي وڃي. معلوم ٿيو تہ قربانيءَ جو اصل فلسفو (*Basic philosophy*) ئي الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. تنهنڪري جڏهن اسان قرباني ڪريون تہ: ◈ دل ۾ اخلاص جو جذبو هجڻ گهرجي ◈ لِلّٰهيت هجڻ گهرجي ◈ اسان جي نظر ۾ نہ پنهنجي تعريف مقصود هجي ◈ نہ واهہ واهہ هجي ◈ نہ ئي ڏيکاءُ هجي ◈ هڪ پاسي جانور جي ڪنڌ تي ڇُري هلي رهي هجي ۽ ٻئي پاسي اسان الله پاڪ جي رضا

---

1...الرقة والبكاء لابن قدامہ، الذبيح عَلَيۡہِ السَّلام، صفحہ:85۔

2...الرقة والبكاء لابن قدامہ، الذبيح عَلَيۡہِ السَّلام، صفحہ:85۔

حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپي رهيا هجون ◈ دل ئي دل ۾ دعائون ڪري رهيا هجون تہ: اي الله پاڪ! منهنجي وَسَ ۾ جيڪو ڪجهہ هو سو مون ڪري ڇڏيو، اي الله پاڪ! پنهنجي خليل جي صدقي مون کان راضي ٿي وڃ.

مولیٰ مجھ کو نیک بنا دے | اپنی اُلفت دِل میں بَسا دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یااللہ! میری جَھولی بَھر دے (1)

## اِخلاص عَمَلَ جي جانِ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اِخلاص عمل جي جانِ آهي ۽ قبوليت جي ڪُنجي آهي. **عُلماءِ ڪِرام فرمائن ٿا:** اخلاص کان سواءِ عمل بي جان جسم وانگر آهي، اِهو اهڙي وڻ جي مثل آهي جنهن تي ميوو نہ لڳندو آهي. تنهنڪري جيئن بي جان جسم دفنائڻ جي لائق هوندو آهي، ائين ئي اخلاص کان سواءِ عمل بہ ڪنهن ڪم جو نہ آهي. جهڙي طرح بنا ميوي وارو وڻ ساڙڻ جي ڪم ايندو آهي، اهڙي طرح رِيا (يعني ڏيکاءُ) واري عبادت بہ دوزخ ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي ويندي آهي. (2)

عطا کر دے اخلاص کی مجھ کو نعمت | نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی! (3)

الله پاڪ اسان کي اخلاص ۽ محبت اِلٰهيءَ سان سرشار ٿي خوب ذوق ۽ شوق سان قرباني ڪرڻ نصيب فرمائي ۽ اسان جون قربانيون پنهنجي پاڪ

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:121-123ملتقطًا۔
2...علم القلوب، باب صفة الاخلاص وطبقات المخلصين بالقلب، صفحہ:137۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:106 ملتقطًا۔

بارگاھ ۾ قبول ۽ منظور فرمائي.اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ علیہ واٰلہ وسلّم

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف:

## اجتماعي قرباني شعبو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلله! دعوتِ اسلامي، عاشقانِ رسول جي هڪ عظيم ديني ۽ فلاحي تنظيم آهي، جيڪا پنهنجي ڪثير شعبن ذريعي علمِ دين جي واڌاري ۽ مسلمانن جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ هميشه پيش پيش رهندي آهي. انهن ئي شعبن منجهان هڪ اهم شعبو ”اجتماعي قرباني“ پڻ آهي. هن شعبي جي نگرانيءَ ۾ پوري پاڪستان جي تقريبن هر شهر جي مدني مرڪز ۾ اجتماعي قربانين جو پروقار اهتمام ڪيو ويندو آهي. هي شعبو سڀ کان پهريان اجتماعي قربانيءَ جي بڪنگ جو مرحلو مڪمل ڪندو آهي. ان کان پوءِ ممڪن حد تائين هن شعبي جا ماهر ۽ تجربيڪار اسلامي ڀائر پاڻ مال پڙيءَ ۾ وڃي ڪري شرعي اصولن جي مطابق جانورن جي خريداري ڪندا آهن. جانورن جو چارو ۽ پاڻي، انهن جي سار سنڀال، حفاظت جو مڪمل انتظام، قصائن سان جانور ذبح ڪرڻ ۽ گوشت جوڙڻ جي مزدوري طئي ڪرڻ، شرعي ذبح کان پوءِ هر جانور جا الڳ الڳ حصا ڪري شرعي اصولن موجب گوشت حصيدارن جي حوالي ڪرڻ ۽ اجتماعي قربانيءَ مان بچيل رقم واپس حصيدارن تائين پهچائڻ وغيره، سڀ هن شعبي جي ذميدارين ۾ شامل آهن. وڌيڪ هي ته توهان هن شعبي جي تعاون سان پنهنجي قربانيءَ جو گوشت مسڪينن ۽ غريبن ۾ پڻ تقسيم ڪرائي سگهو ٿا.

الله پاڪ دعوت اسلامي کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ علیہ واٰلہ وسلّم

## قرباني ڪليڪشن موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن **قرباني ڪليڪشن** (*Qurbani Collection*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي. ◈ توهان هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان عيد الاضحيٰ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت پنهنجي قرباني آن لائن بُڪ (*Online book*) ڪري سگهو ٿا ◈ قرباني کي شريعت ۽ سنت مطابق انجام ڏيڻ لاءِ قربانيءَ جي موضوع تي دارالافتاء اهل سنت جون فتوائون پڙهي سگهو ٿا ۽ مُفتيانِ ڪِرام سان مشورو ڪري هن ڳالهه کي يقيني بڻائي سگهو ٿا ته اوهان جي قرباني سنت جي مطابق ٿئي◈ قربانيءَ جي موضوع تي اسلامي اسڪالرز جي لکيل ڪيترن ئي معلوماتي ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهو ٿا ◈ هن جي ذريعي توهان قربانيءَ جي بنيادي تقاضائن کي سِکي سگهو ٿا مثلاً نيت، دعا، قرباني ڪرڻ جو طريقو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ◈ وڏيڪ هي ته هن ۾ مدني عُلماء جون معلوماتي وڊيوز ۽ آڊيو ڪلپس به ڏسي ۽ ٻڌي سگهو ٿا ۽ انهن کي محفوظ به ڪري سگهو ٿا. توهان به پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ڇڏيو! پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب!　　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قربانيءَ جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُلِله! دعوتِ اسلامي گهڻن ئي شعبن ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، هنن نيڪ ڪمن ۾ توهان به

پنهنجو حصو شامل ڪيو! عيدالاضحيٰ ويجهي آهي، عاشقانِ رسول قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪندا. گذارش آهي تہ پنهنجي پنهنجي جانور جي کل دعوتِ اسلامي کي ڏيو! توهان جي ڏنل رقم يا کل جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ديني، اصلاحي، روحاني ۽ فلاحي ڪم ڪيا ويندا، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان لاءِ صدقه جاريه هوندو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهٽي محلي ۾، پنهنجي عزيزن مٽن مائٽن کي فون وغيره ڪري بہ ان جي ترغيب ڏياريو! پنهنجي ڪوشش سان کلون جمع بہ ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون بہ برڪتون ملنديون، حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ڪنهن ڀلائيءَ جي طرف رهنمائي ڪئي، ان کي ان تي عمل ڪرڻ واري جيترو ئي ثواب ملندو[1]. ۽ کلون گڏ ڪرڻ وارن کي تہ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ خصوصي دعائن سان پڻ نوازيندا آهن. تنهن ڪري اسان کي هن نيڪ ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ گهرجي.

**کلُون گڏ ڪرڻ جي حوالي سان ڪجھ احتياطون پيشِ خدمت آهن:** ◈ الله پاڪ جي رضا جي خاطر کلُون گڏ ڪريو ◈ ان دوران نمازن جي پابندي فرمايو ◈ بدبودار لباس سان مسجد ۾ وڃڻ کان بچو، ان لاءِ هڪ صاف سٿرو جوڙو پاڻ سان گڏ رکو ◈ مسجد، مدرسي وغيره کي رت سان آلوده ٿيڻ کان بچايو ◈ جيڪو ڪنهن ٻئي اداري کي کل ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو هجي، انهن کي واعده خلافي جو ذهن نہ ڏيو ◈ ڪنهن سان بہ ڪاوڙ (غصي) جو اظهار نہ ڪريو ◈ کل ڏيڻ واري جو سني طريقي سان شڪريو ادا ڪريو ◈ اهڙي جاءِ تي کلُون گڏ ڪرڻ جو اسٽال نہ لڳايو جتي ڪنهن کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف

[1] ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدال...الخ، صفحہ:628، حديث:2671۔

ٿئي.

عطارؔ سے محبوب کی سُنَّت کی لے خدمت | ڈنکا یہ تِرے دِین کا دُنیا میں بجادے[1]

الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

اَلحَمْدُلله! ذوالحج شريف جو مهينو جاري آهي، هن مبارڪ مهيني جي شروعاتي 10 ڏينهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه روزانو رات جو تقريبن 9 لڳي 30 منٽن تي، مدني چينل تي لائيو مدني مذاڪرو فرمائي رهيا آهن. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفۂ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **فضول ڳالھين کان بچڻ جي فضيلت (گفتگو جا آداب قسط:4)** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا تي شيئر (*Share*) بہ ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ هڪ اهم ڪتاب **گوشت کے وہ حصے جن کا کھانا منع ہے** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ اوهان حلال جانورن جي گوشت جي اُنهن حصن جا تفصيلي مسئلا پڙهي سگهو ٿا جن کي کائڻ جائز نہ آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ

---

1… وسائلِ بخشش، صفحہ:112۔

جي کنهن بہ شاخ تان **130 روپين** ۾ حاصل ڪريو. پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

شرعي تقاضائن مطابق قرباني ڪرائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي قرباني ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! ان جي لاءِ پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدارن سان رابطو فرمايو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

◈ قربانيءَ جا تفصيلي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهارِ شريعت جلد:3**، **مان حصو: 15** ۽ امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادری رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **50 صفحن** جو رسالو **ابلق گهوڙي سوار** خريد فرمايو ۽ ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ اهڙي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... مشكوٰة، كتابُ الْاِيمان، بابُ الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175.

## گوشت کائڻ سنت آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1):** گوشت دنيا ۽ آخرت جي کاڌن جو سردار آهي. [1] **(2):** گوشت کي ڇُرِيءَ سان ڪَٽي نہ (پر ڏندن سان) ڇِني کائو، اِئين ڪرڻ وڌيڪ خوشگوار آهي. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! حلال گوشت کائڻ بہ سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي. عُلماءِ ڪِرام فرمائن ٿا: گوشت پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده کاڌو هو.[3] ◈ ٻَڪري، مُرغي، اُٺ، سيهَڙ ۽ مڇيءَ جو گوشت کائڻ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي. [4] ◈ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٻڪريءَ جي گردن[5] دَستِي (يعني اڳيون ٽنگون)[6] ۽ رانَ جو گوشت کائڻ پسند هو.[7]

**گوشت جا فائدا ۽ احتياط:** علامہ احمد بن محمد قسطلاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: ٻڪريءَ جو سڀ کان هلڪو گوشت: ڪَنڌ، دَستِي ۽ ڪُلهَن جو هوندو آهي، هي معدي جي لاءِ هلڪو آهي ۽ جلد هضم ٿي ويندو آهي. [8] ◈ گوشت جسم کي پروٽين، آئرن ۽ وٽامن B وغيره مهيا ڪندو آهي ۽ وٽامن *A* ۽ *B* هڏن، ڏندن، اکين، دماغ ۽ چمڙيءَ لاءِ مفيد آهي.[9] ◈ گوشت رت کي صاف

1…معجم اوسط، جلد:7، صفحہ:271۔
2…ابو داود، کتاب الاطعمۃ، باب فی اکل اللحم، صفحہ:597، حدیث:3778۔
3…المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:128 ۔
4…المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:130 ۔
5…مسند امام احمد، مسند النساء، جلد:11، صفحہ:168، حدیث:27790۔
6…ترمذی، کتب الاطعمۃ، باب ماجاء ای اللحم...الخ، صفحہ:455، حدیث:1837۔
7… بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب قول اللہ تعالٰی وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا ...الخ، صفحہ:851، حدیث:3340۔
8… المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث...الخ، النوع الاول...الخ، جلد:2، صفحہ:129 ۔
9… ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:53۔

ڪندو آهي ◈ 70 قوتون وڌائيندو آهي ◈ گوشت کائڻ سان عقل وڌندو آهي. [1] ◈ گوشت پٺڻ جي قُوت کي وڌائيندو آهي. [2] ◈ پر گھڻو گوشت کائڻ کان بچڻ گھرجي ڇوته گھڻو گوشت کائڻ دل جي سختيءَ جو سبب آهي. [3] ◈ گوشت جو گھڻو استعمال ڪينسر، دل جا امراض، ذيابيطس (شگر)، معدي ۽ جيري (*Liver*) جي بيمارين جو باعث بڻجي سگھي ٿو. [4] ◈ هڪ بالغ شخص کي روزانو 70 **گرام** ۽ هفتي ۾ **500 گرام** يعني اڌ ڪلو گوشت کائڻ گھرجي. هفتي ۾ ٽي يا ان کان وڌيڪ ڀيرا گوشت کائڻ وارن ۾ مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. [5]

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

اُلفتِ مصطفیٰ اور خوفِ خدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (6)

1…مدارج النبوة، باب یاز دہم در عبادات و طعام و شراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ملتقطاً۔
2…اتحاف السادة المتقین، کتاب اداب المعیشة...الخ، بیان ادابہ...الخ، جلد:8، صفحہ:238 ۔
3…مدارج النبوة، باب یاز دہم در عبادات و طعام و شراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ۔
4… ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:54۔
5… ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:54۔
6…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

**الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.** اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455